**www.mirfatehalishah.com**

Written By **Mir Fateh Ali Shah**
Translation By **None**
Language **sindhi**
Catagory **travelage**

# □عبة الله جي زيارت

15 مئي 2010

والد صاحب جي سرپرستي ۾ مسجد حرام جي دهلاڻ مان گذرندا ڪعبة الله شريف جي طرف وڌي رهيا هئاسون ، دل جي ڌڙڪن تيز ٿيندي ٿي ويئي اڪيون ادب وچان هيٺ رکيم، مسلسل اڳتي وڌندي والد محترم بيهڪ ڪائيندي هلڪي آواز ۾ فرمايو ڪعبة الله ( مطلب ته ڪعبة الله سامهون آهي ) الله اڪبر ڪعبة الله شريف کي ڏسندي ئي دل مان جا نڪرڻي هئي دعا نڪتي، جيئن ٿي توهان جي پهرين نگاهه ڪعبي تي پوي اهو دعا جي قبوليت جو وقت هوندو آهي



.

پهرئين عمري جي ادائگي ڪانپوءِ روزانه مسجد حرام جي اڱڻ ۾ ڪنهن مٿيري جڳهه تي

PDF generated automatically by the PDFmyURL HTML to PDF API

ويهي زيارت ڪعبه ۾ مشغول رهندا هئا سون ۽ مان پنهنجي پروردگار جي نشانين تي غور و فڪر ۾ رڌل هوندو هئس ڳڻوڳڻ تسبيح به پئي هلندي هئي

الله جي رحمتن ۽ برڪتن سان روشن ڪعبة الله شريف جتي اڄ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماڻهن جا انبوهه اچي پيڙا ٿي نماز ، طواف ، ۽ زيارت ۾ رڌل آهن . ليڪن اڄ کان چار هزار سال پهريان ڏسو ته چارو طرف ويران ۽ سنسان جبل ، سواءِ هوا جي ڪنهن به جيءَ جي آمد و رفت ناهي سابه چڱي خاصي گرم لڳ ساڙيندڙ ، ان وقت اگر ڪو سوچيندڙ اتي اچي سوچي ها ته شايد ڪڏهن به اهو ڪري نه ڪري سگهي ها ته ڪو هتي ماڻهو اچي پيڙا ٿيندا ۽ عبادتون ڪندا ،



چار هزار سال قبل اگر توهان موجوده ڪعبة الله شريف جي جڳهه تي نظر ڊوڙائيندا ته اتي سواءِ ننڍڙي دڙي جي ڪجهه به نه هو جيڪو پاڻي جي وهڪري جي سبب اڀري آيو هو دراصل جڏهن به برساتون پونديون هيون ته برساتن جو پاڻي اتان وهڻ گهڙي ان ٽڪري کي پاسن کان گذرندو هو ۽ انهيءَ لنگهه سبب ڪعبة الله وارو حصو ڪٽجي اڀري آيو هو . پوءِ تقريبن 1800 قبل مسيح ۾ يعني اڄ کان 3800 سال پهريان جنهن انسان سڀ کان پهرين ان جڳهه کي آباد ڪرڻ جا قدم کنيا سو حضرت ابراهيمؑ هيو ، جن پنهنجي پالڻهار جي حڪم سان پنهنجي ٻي



گهرواري بيبي هاجره ۽ پياري پٽ حضرت اسماعيلؑ کي ان بيابان ۾ ڇڏي هليو ويو ، ان وقت اهو علائقو ڪنهن به انسان جي زنده رهڻ لاءِ سازگار نه هيو . سو الله سائين جي حڪم سان اُتي جو اُتي هڪ چشمو ڦٽي آيو جيڪو اڄ به بفضل تعاليٰ جاري آهي ۽ لکين حجاج ڪرام ان جو پاڻي تبرڪ طور پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ کڻي ويندا آهن ، جنهن کي آبِ زم زم چئبو آهي .

وري ڪجهه عرصي بعد حضرت ابراهيمؑ کي خدا پاڪ جي طرفان ڪعبة الله جي تعمير جو حڪم ٿيو جيڪو پاڻ پنهنجي فرزند حضرت اسماعيلؑ سان گڏجي پورو ڪيو . ۽ پوءِ اهو مقدس مقام ڪڏهن خدا جي عبادت جو مرڪز رهيو ته وري ڪڏهن ان کي بتن سان سجايو ويو ليڪن وري الله تبارڪ وتعالي رسول اللهﷺ جي هٿان انهيءَ گهر کي بيهر بت پرستي ۽ شرڪ کان پاڪ ڪيو ۽ هاڻي تقريبن 1500 سالن کان اهو خدا جي رحمتن ۽ برڪتن جو مرڪز بڻيل آهي .

PDF generated automatically by the PDFmyURL HTML to PDF API



**Article Link** http://w w w .mirfatehalishah.com/articles/post.php?id=2132
**Join us on facebook** https://w w w .facebook.com/mirfatehalishah

**www.mirfatehalishah.com**

PDF generated automatically by the **PDFmyURL HTML to PDF API**